

# سيرت عثمان غني رضي الله تعالٰی عنه

30-August-2018



هفتيوار سنتنڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

# سيرت عثمان غني رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہ

اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَیْكَ یَا رَسُوْلَ اللہ وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ یَا حَبِیْبَ اللہ
اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَیْكَ یَا نَبِیَّ اللہ وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ یَا نُوْرَ اللہ

نَوَیْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِکَافِ **(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)**

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي اعتڪاف جي نيت ڪري ونو، جوتہ جيستائين مسجد ۾ رهندؤ اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو- ياد رکو! مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ يا سحري، افطاري ڪرڻ، ايستائين جو آبِ زم زم يا دَم ڪيل پاڻي پيئڻ جي بہ شرعاً اجازت ناهي، البت جيڪڏهن اعتڪاف جي نيت هوندي تہ اهي سڀ شيون ضمناً جائز ٿي وينديون- اعتڪاف جي نيت بہ صرف کائڻ، پيئڻ يا سمهڻ جي لاءِ نہ هئڻ گهرجي بلڪ ان جو مقصد الله تعاليٰ جي رِضا هجي- "فتاويٰ شامي" ۾ آهي: جيڪڏهن ڪو مسجد ۾ کائڻ پيئڻ يا سمهڻ چاهي تہ اعتڪاف جي نيت ڪري ۽ ڪجھ دير ذِڪرُالله ڪري پوءِ جيڪو چاهي **(يعني هاڻي چاهي تہ ڪائي پي يا سمهي سگهي ٿو)**

## دُرُود شريف جي فضيلت

نبي پاڪ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو فَرمانِ رَاحت نِشان آهي: جيڪو مون تي دُرُود شريف پڙهندو آهي، ان جو دُرُود مون تائين پهچي ويندو آهي، مان ان جي لاءِ اِستِغفار ڪندو آهيان ۽ ان جي عِلاوه ان جي لاءِ ڏھ (10) نيڪيون لکيون وينديون آهن- (معجم اوسط ،من اسمه احمد،١/ ٤٣٦،رقم: ١٦٤٢)

ذِکُر و دُرُود ہر گھڑی وِردِ زَباں رہے میری فُضُول گوئی کی عادَت نکال دو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نِيّتون ڪري ونون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِہٖ" يعني

مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.
(المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻہ مدني گُل:** (1) بغير سني نيّت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.
(2) جيتريون سنيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❖ نگاهون جهڪائي پوري توجهہ سان بيان ٻڌندس ❖ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ❖ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❖ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۾ اٽڪڻ کان بچندس ❖ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذكُرُوالله , تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۾ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❖ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۾ انفرادي ڪوشش ڪندس-

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## جنتي حور سان نڪاح

دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جو نهايت ئي پيارو ڪتاب ”نيڪياں ضائع هونے سے بچائيے“ جي صفحي نمبر 20 ۽ 21 تي آهي: حضرت سَيدُنا عبدُالله بن عباس رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهما کان روايت آهي تہ اميرالمؤمنين حضرت سَيدُنا ابوبڪر صديق رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي خلافت واري زماني ۾ ڏڪار ٿيو تہ پاڻ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ ماڻهن کي فرمايائون: توهان کي ڪا تڪليف نہ پهچندي ايستائين جو الله پاڪ توهان کي هن ڏڪار کان نجات ڏيندو- پوءِ جڏهن اڳيون ڏينهن ٿيو تہ سندن وٽ خوشخبري ڏيڻ وارو آيو تہ حضرت سَيدُنا عثمانِ غني رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ وٽ ڪٽڪ ۾ خوراڪ جي سامان جا هڪ هزار اٺ اچي رهيا آهن- (پوءِ جڏهن حضرت سَيدُنا عثمان غني رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ وٽ ڪٽڪ ۾ ٻين ڪائڻ جي شين جا هڪ هزار اٺ آيا) تہ اڳئين ڏينهن واپاري سندن گهر پهتا ۾ دروازي تي دستڪ ڏنائون- پاڻ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ ٻاهر تشريف وٺي آيا ۾ انهن کان پڇيائون: توهان ڇا چاهيو ٿا؟ انهن چيو: اسان کي معلوم ٿيو آهي تہ اوهان وٽ ڪٽڪ

۽ ٻئي اناج جا هڪ هزار اٺ ايا آهن، اوهان اهي اسان کي وڪڻي ڇڏيو ته جيئن مدينہ منوره جي ضرورت مندن تي رِزق جي ڪشادگي ٿي وڃي- حضرت سَيدُنا عثمانِ غني رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ ارشاد فرمايائون: اندر اچو- اهي ماڻهو اندر آيا ته پاڻ رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ انهن کان پڇيائون: توهان ماڻهو ملڪ شام جي ريٽ مطابق ڇا نفعو ڏيندو؟ انهن چيو: ڏهه جا ٻارهن يعني ٻيڻو نفعو ڏينداسين، پاڻ رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ ارشاد فرمايائون: مون کي هن کان وڌيڪ نفعو ملي رهيو آهي- واپارين چيو: ڏهه جا چوڏهن ونو- پاڻرَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ فرمايائون: مون کي وڌيڪ ملي پيو- انهن چيو: ڏهه جا پندرهن ونو- پاڻرَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ فرمايائون: مون کي هن کان وڌيڪ نفعو ملي رهيو آهي- انهن چيو: مديني جا واپاري (Dealers) ته اسان آهيون، اوهان کي ڪير وڌيڪ نفعو ڏئي رهيو آهي؟ حضرت سَيدُنا عثمانِ غني رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ ارشاد فرمايائون: مون کي هڪ روپيي تي ڏهه روپيا منافعو ملي رهيو آهي، توهان هن کان وڌيڪ ڏيندو؟ انهن چيو: اسان ايترو نفعو نٿا ڏئي سگهون- پاڻ رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ فرمايائون: اي واپارين جي جماعت! هن ڳالهہ تي شاهد ٿي وڃو ته مون اهي سموريون شيون مديني جي ضرورت مندن جي لاءِ صدقو ڪيون آهن- حضرت سَيدُنا عبدُ الله بن عباس رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْھما فرمائن ٿا: مان جڏهن رات جو سُتس ته خواب ۾ رسولِ اڪرم صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪئي، پاڻ ڪريم صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن کي نور جي چادر پاتل هئي، مبارڪ هٿن ۾ نور جي لٺ ۽ پير مبارڪ ۾ جيڪي نعلين هئا ان جا تسمہ(ڪَها) پڻ نوراني هئا.

مون عرض ڪيو: بِاَبِیْ اَنْتَ وَاُمِّیْ يَارَسُوْلَ الله!لَقَدْطَالَ شَوْقِیْ اِلَيْكَ يعني منهنجا ماءُ پيءُ اوهان تي قربان يارسولَ الله صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! اوهان ڏانهن منهنجو شوق وڌندو پيو وڃي- نبي اڪرم صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايائون: مان جلدي ۾ آهيان، عثمان (رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ) هڪ هزار اُٺن جو بوجهہ کڻڪ وغيره صدقو ڪيو آهي- الله ڪريم عثمان(رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ) جو اهو عمل قبول فرمائي جنتي حور سان ان جو نڪاح ڪيو آهي-

(الرياض النضرة،ذکر صدقاته،۲/۴۳ ملتقطاً)

اِمامُ الْاَسْخِيا! کر دو عطا حِصّہ سخاوت کا     قَناعَت ہو عنايت، ديں نہ دَولت کی فَراوانی

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان تہ! اميرُالمؤمنين حضرت سَيدُنا عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہ مسلمانن جا ڪيتري قدر زبردست خيرخواه ۽ سخاوت جا سمنڊ هئا- اهو بہ معلوم ٿيو تہ اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مصطفٰي صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ امت جي حال کان هر وقت باخبر آهن، اهو بہ معلوم ٿيو تہ الله پاڪ امير المؤمنين حضرت سيدنا عثمان غني رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہ جو عمل قبول فرمائي جنتي حور سان ان جو نڪاح فرمائي ڇڏيو آهي. اهو بہ معلوم ٿيو تہ نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي الله جي عطا کان معلوم آهي تہ ڪنهن جو عمل الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ قبول ٿيو ۽ انِ کي ڪهڙو انعام عطا ٿيو. اميراهلسنت دامت برڪاتهم العاليہ شانِ مصطفٰي بيان ڪندي لکن ٿا :

اُمّت کے حال سے ہیں آگاہ ہر گھڑی آپ

خوابوں میں آرہے ہیں بگڑی بنا رہے ہیں

ياد رهي! اميرُ المؤمنين حضرت سَيدُنا عثمان غني رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہ جي سخاوت جو اهو پهريون موقعو نہ هو بلڪ سندن سخاوت جو درياء هر وقت پنهنجي جوش تي رهندو هو ۽ پاڻ پنهنجي مبارڪ زندگي ۾ ڪيئي ڀيرا پنهنجو ڪوڙ مال راهہ خدا ۾ پيش فرمايو- اچو! سندن سخاوت جو هڪ ٻيو دلنشين واقعو پڙهو، جيئن

## سيدنا عثمان غني رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہ جي سخاوت

حضرت سيّدنا عبدالرحمٰن بن خَبّاب رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہ کان روايت آهي: آئون بارگاهِ نبوي ۾ حاضر هئس ۽ رحمت عالَم صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضوَان کي ”جَيشِ عُسرت“ (يعني غَزوہ تَبوڪ) جي تياري لاءِ ترغيب ارشاد فرمائي رهيا هئا- حضرت سيّدنا عثمان بن عفان رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہ اٿي بيهي عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڀلاڻ ۽ ٻئي سامان سميت سؤ اُٺَ منهنجي ذمي آهن- نبي پاڪ صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضوَان کي وري ترغيب ڏياري تہ

حضرت سيّدنا عثمان غني رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ ٻيهر اُٿيا ۽ عرض ڪيائون: يارسول الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سموري سامان سميت ٻه سؤ اُٺ حاضر ڪرڻ منهنجي ذميداري آهي، رسول ڪريم محبوبِ ربّ عظيم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم صحابہ ڪرام عَلَیْہِمُ الرِّضْوَان کي وري ترغيب ڏياري ته حضرت سيّدنا عثمان غني رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مان سموري سامان سميت ٽي سؤ اُٺ پنهنجي ذمي ڪيان ٿو- راوي فرمائن ٿا: مون ڏٺو ته حُضورِ انور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ اهو ٻڌي مِنبرِ مُنَوَّر تان هيٺ تشريف ڪٽي ٻه ڀيرا فرمايائون: اڄ کان عثمان (رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ) جيڪو ڪجهه ڪري ان تي پڇا ڳاڇا ناهي- (ترمذي، ڪتاب المناقب، مناقب عثمان بن عفان، ج٥، ص٣٩١، حديث: ٣٧٢٠)

زاہدِ مسجدِ احمدی پر دُرود دولتِ جیشِ عُسرت پہ لاکھوں سلام

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! عام طور ڪجهه ماڻهو هڪ ٻئي کي ڏسي جذبات ۾ اچي چندو لکرائيندا ته آهن پر جڏهن ڏيڻ جو وارو ايندو آهي ته انهن کي ڏيڻ ڏکيو لڳندو آهي، ۽ ايستائين جو ڪي ته ڏيندا به ناهن! پر قربان وڃجي! حضرت سَيدُنا عثمانِ غني رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ پنهنجي اعلان کان گهڻو وڌيڪ چندو راهِ خدا ۾ پيش ڪيو- جيئن حڪيمُ الاُمت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَیْہِ رَحمۃُ الْحَنَّان هن حديث پاڪ تحت فرمائن ٿا: خيال رهي اهو ته سندن جو اعلان هو پر حاضر ڪرڻ وقت پاڻ 950 اُٺ، 50 گهوڙا ۽ 1000 اشرفيون پيش ڪيون، ۽ بعد ۾ 10 هزار اشرفيون وڌيڪ پيش ڪيون (مفتي صاحب وڌيڪ فرمائن ٿا) خيال رهي ته پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ پهرين ڀيري هڪ سؤ جو اعلانِ ڪيائون، ٻئين ڀيري 100 اُنَن کان علاوه 200 جو، ٽئين ڀيري وڌيڪ 300 جو، ڪُل 600 اُٺَ (پيش ڪرڻ) جو اعلان ڪيائون-

(مرآة المناجيح،٨/٣٩٥)

مجھے اپنی سَخاوت کے سَمندر سے کوئی قَطرہ عَطا کر دو نہیں دَرکار مجھ کو تاجِ سُلطانی

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

اچو! هاڻي اميرُ المُؤمنين حضرت سَيِدُنا عثمانِ غني رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہ جو مختصر تعارف ٻُڌوء جيئن

## حضرت سَيِدُنا عثمانِ غني رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہ جو مختصر تعارف

پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہ جو مبارڪ نالو، ”عُثمان“ ۽ ڪنيت ’’ابوعَمرو‘‘ آهي- جڏهن تہ سندن لقب ”اَميرُ اِلمُومنين، ذُوالنُّورَين، ڪاملُ الحَياءِوَالاِيمان، (حيا ۽ ايمان ۾ ڪامل) جامِعُ القرآن (قرآن گڏ ڪرڻ وارا)، سَيِدُالاَسخِياء(سخين جا سردار)، عُثمانِ باحَيا وغيره مشهور (Famous) آهن- (ڪرامات عثمان غني ص۳، ۱۱،۵) پر پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہ جي سمورن لقبن مان ”ذُوالنُّورَين“ (يعني ٻن نور وارو) گهڻو مَشهور آهي- هن لَقب جو سبَب هي آهي تہ حضور پر نُور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جون ٻہ شَهزاديون حضرت سَيِدَتُنا رُقَيہ ۽ حضرت سَيِدَتُنا اُمِّ ڪلثُوم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهما هڪ کان پوءِ ٻي سندن نڪاح ۾ آيون- انهي ڪري سندن کي’’ذُوالنُّورَين‘‘ ( يعني ٻن نورن وارا) چيو ويندو آهي- (تهذيب الاسماء، باب العين و الثاء المثلة،۱/۲۹۷) انهيء طرف اِشارو ڪندي سيدي اَعليٰ حضرت رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہ فرمائن ٿا-

نُور کی سرکار سے پایا دوشالہ نُور کا    ہو مُبارک تم کو ذُوالنُّوْرَیْن جوڑا نُور کا

پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہ خُلفاءِ راشِدين ۾ ٽيان خليفہ آهن- (جنتي زيور،ص۱۸۲ملخصاً) پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہ اَميرُ المُؤمِنين ابوبڪرصديق رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہ جي ڪوشش سان اسلام آندائون ۽ اسلام قبول ڪرڻ وارن ۾ سندن جو شمار چوٿين نمبر تي ٿئي ٿو، جيئن تہ پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہ خود اِرشاد فَرمائن ٿا: اِنِّیْ لَرَابِعُ اَرْبَعَۃٍ فِی الْاِسْلَامِ يعني مان اِسلام قَبول ڪرڻ وارن چئن شخصن مان چوٿون آهيان- (معجم ڪبير،۱/۸۵، حديث:۱۲۴)(اسد الغابة،عثمان بن عفان،۳ / ۶۰۶ ملخصاً) حضرت سَيِدُنا عثمانِ غني رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہ کي جمعي جي ڏينهن 35 هجري ذُوالحِجَّة جي مهيني ۾شهيد ڪيو ويو-حضرت سَيِدُنا جُبَيربن مُطعِم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہ سندن جنازي نماز پڙهائي ۽ سندن رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہ کي جنَّتُ البَقِيع ۾ دفن ڪيو ويو- (اسدالغابة،عثمان بن عفان،۳ / ۶۱۴-۶۱۶ ملخصاً)

دُرّ منثور قرآں کی سِلک بہی زَوجِ دو نُور عِفت پہ لاکھوں سلام
یعنی عثماں صاحبِ قمیصِ ہدیٰ حُلہ پوشِ شہادت پہ لاکھوں سلام

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

اَميرُ المُؤمِنِين حضرت سَيدُناعثمانِ غَني رَضِیَ اللّٰه تَعَالٰی عَنْه جو شمار انهن صحابہ ڪرام عَلَیهِمُ الرِّضْوَان ۾ ٿيندو آهي جن تي اسلام قبول ڪرڻ ڪان بعد وڏو ظلم وستم ڪيو ويو، طرح طرح سان ستايو ويو ۽ نهايت ئي درد ناڪ سُلوڪ ڪيو ويو، پر قربان ٿجي! نبي ڪريم صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي هن جان نثار صحابي رَضِیَ اللّٰه تَعَالٰی عَنْه جي عزم و استقلال تي!جو ايتري قدر ظلم سهي ڪري بہ باطل جي اڳيان مظبوط رهيا ۽ دينِ اسلام ڪان هڪ آنچ بہ پوئتي ٿيڻ جي لاءِ تيار نہ ٿيا،

جولائي, آگسٽ 2018 جي ماهنامہ فيضانِ مدينہ جي صفحي نمبر 4 تي آهي تہ ايمان، اعمالِ صالحہ (نيڪ عمل)، گناهنَ ڪان اجتناب (بچڻ) تي جميو رهڻ استقامت چوَرائيندي آهي. ائين بہ چئي سگهو ٿا تہ استقامت هي آهي تہ ايمان ضايع نہ ٿئي، نيڪ عمل، مثال طور: نماز، روزه، حج زڪوٰة ترڪ نہ ٿين. تلاوت، ذڪر، درود، تسبيحات و اذڪار، صدقا ۽ خيرات، ٻين جي خير خواهي وغيره تي هميشگي هجي، تمام گناهن ڪان بچڻ جي عادت پختہ رهي، اهي سڀئي شيون استقامت ۾ داخل آهن، البت هر استقامت جو حڪم جدا آهي، جيئن: صحيح عقيدن تي مظبوط رهڻ سڀ ڪان وڏو فرض آهي. فرضن تي هميشگي بہ فرض آهي. گناهن ڪان بچندو رهڻ بہ لازم آهي ۽ مستحبن جي پابندي بہ اعلي درجي جو مستحب آهي، ان اعتبار سان استقامت جون 3 قسمون ٿينديون آهن. (1) ايمان تي استقامت، جيئن: حضرت بلال ۽ ابو ذر غفاري ۽ ٻيا ڪوڙ صحابہ ڪرام عَلَیهِمُ الرِّضْوَان جو جن ڪي ايمان آڻڻ ڪان بعد سخت آزمائشن مان گزرڻو پيو پر اهي ايمان تي مظبوط رهيا ۽ اڄ ايمان تي استقامت جو نالو ايندي ئي انهن مبارڪ هستين جو تصور ذهن ۾ اچي ويندو آهي. (2) فرضن تي استقامت هي آهي تہ ڪڏهن ترڪ نہ ٿين، جيئن: نماز (3) مستحبن تي استقامت يعني انهن تي هميشگي هجي، جيئن: تلاوت، ذڪر، درود، صدقا، حسنِ اخلاق، عفو و ڪرم ۽ تهجد وغيره تي استقامت. اها استقامت بہ الله پاڪ ڪي گهڻي محبوب آهي. منا اسلامي ڀائرو! استقامت جو

لفظ اسان اڪثر ٻڌندا، پڙهندا آهيون پر پنهنجي ذات تي غور ۽ ڪرڻ گهرجي تہ ڇا اسان کي نيڪيون ڪرڻ ۽ گناهن کان بچڻ تي استقامت حاصل آهي؟ وقتي طور جذبات ۾ اچي نفل، تلاوت، ذڪر ۽ درود ۽ درس ۽ مطالعو سڀ شروع ڪندا آهيون پر ڪجهہ ئي ڏينهن کان پوءِ جذبات ٿڌا ۽ عمل غائب ٿي ويندا آهن. ائين ئي ماهِ رمضان ۾ يا نيڪ اجتماع ۾ يا مريد ٿيڻ وقت گناهہ ڇڏڻ جو پڪو ارادو ڪندا آهيون ۽ ڪجهہ ڏينهن پاڻ کي گناهن کان بچائيندا بہ آهيون پر ٿورن ڏينهن کان پوءِ اهو ئي گناهن جو سلسلو رهندو آهي ۽ اسان گناهن ۾ ٻڏل هوندا آهيون. نيڪ ارادن تي استقامت جو ذهن بڻائڻ ۾ سڀ کان مفيد ۽ اهم شيءِ قوتِ ارادي ۽ همت نہ هارڻ آهي. هن بنيادي نڪتي کي ذهن ۾ ويهاري ڇڏيو، اِنْ شَآءَاللّٰہ عَزَّوَجَلَّ استقامت نصيب ٿي ويندي.(ماهنامہ فيضانِ مدينہ، ص 4 ملخصا)

## دنيا ڇڏي سگهان ٿو پر ايمان نہ:

اَميرُ المُؤمنين حضرت سَيدُناعثمان غَنيرَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہ جڏهن اِسلام قبول ڪيائون تہ نہ رڳو پنهنجن گهر وارن بلڪ سڄي خاندان جي شديد مُخالفت کي منهن ڏيڻو پيو، پاڻ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہ کي مارڪُٽ ڪئي وئي ايستائين جو سندن رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہ جو چاچو حَڪم بن اَبي العاص تہ ايتري قَدر ناراض ٿيو جو سندن کي پڪڙي هڪ رَسّي سان ٻڌي چوڻ لڳو: تو پنهنجي پيءُ ڏاڏي جو دِين ڇڏي بيو مَذهب اِختيار ڪيو آهي، جيستائين تون نئين مَذهب کي نہ ڇڏيندين اسان تون کي نہ ڇڏينداسين، اهڙي طرح ٻڌي رکنداسين- اهو ٻڌي حضرت سَيدُنا عثمانِ غَنيرَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہ جن فرمايو: رب ذُوالجَلال جو قسم! مان اسلام کي ڪڏهن نہ ڇڏيندس، نہ ڪڏهن هن دولت کي ڇڏي سگهان ٿو، دل مان دينِ اسلام نڪري وڃي اهو هرگز نٿو ٿي سگهي- حَڪم بن اَبي العاص جڏهن سندن رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہ جو اهو جذبو (Passion) ڏٺو تہ مَجبور ٿي سندن رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہ کي قيد مان آزاد ڪري ڇڏيو- (تاريخ مدينة دمشق،عثمان بن عفان، ٣٩/ ٢٦)

اگرچہ لاکھ دشمن دھمکیاں دے جان لینے کی    کسی سے کیوں ڈرے تیرا فدائی یارسولَ اللہ

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!    صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ٻڌو اوهان! اِيمان آڻڻ کان بعد حضرت سَيدُنا عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہ تي سندن گهروارن ڪيتري قَدر ظُلم وسِتم ڪيو پر پاڻ رَضِیَ اللّٰہ

تَعَالٰی عَنْه اُنھن کي بَرداشت ڪندي ثابت قَدم رهيا- هن واقعي مان اهڙن ماڻهن کي همّت ۽ حَوصلي سان ڪم وٺڻ گهرجي تہ جيڪي اِسلامي تَعليمات کان مُتاثر ٿي دائره اِسلام ۾ تہ داخل ٿي ويا، پر انهن جي گهروارن تي اجا تائين اِسلام جي حَقّانِيت واضِح ناهي ٿي، جو هو اُن تي ظُلم و زِيادتي ڪن ٿا، طرح طرح سان ستائن ٿا تہ جيئن ڪهڙي نموني مَعَاذَ الله عَزَّوَجَلَّ هي دينِ اِسلام کان ڦري مُرتدّ ٿي وڃن- پر ياد رکو! هر حالت ۾ اِيمان جي حِفاظت اِنتهائي ضَروري آهي، چاهي ڪهڙي ئي آفت اچي اِيمان جي دولت هٿ مان نہ وڃڻ ڪپي بلڪ ايمان تي استقامت جي لاءِ الله پاڪ جي بارگاهه ۾ دعا ڪندو رهڻ گهرجي-

ايمان تي خاتمي جي لاءِ ”شجرهء قادريہ، رضويہ عطاريہ“ ۾ هڪ نهايت پيارو وظيفو بہ آهي، جيڪو بہ صبح ۽ شام 3،3 پيرا هن کي پڙهندو، اِنْ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ پڙهڻ واري جو خاتمو ايمان تي ٿيندو. اهو پيارو وظيفو شجري شريف جي صفحي نمبر 15 تي موجود آهي.

سيرتِ عثمان غني رَضِیَ الله تَعَالٰی عَنْه ۾ انهن اسلامي ڀائرن جي لاءِ سکڻ جو مدني گل آهي جن کي گهر وارن يا ٻين رشتيدارن جي طرفان سنتن جي خدمت ڪرڻ سبب طرح طرح سان ستايو ويندو آهي تہ اهي همت هاري مدني ماحول جي برڪتن کان پنهنجو پاڻ کي محروم ڪندا آهن، انهن کي گهرجي تہ هو ان طرح جي رنڊڪن جي ڪري هرگز دل ننديي نہ ڪن بلڪ نبين سڳورن عَلَيهِمُ السَّلام ۽ بزرگانِ دين رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيهِم اجمعين خاص ڪري شهداءِ ڪربلا رَضِیَ الله تَعَالٰی عَنْهم اجمعين تي ايندڙ مصيبتن ۽ تڪليفن ۽ ان تي انهن جي ثابت قدمي کي پنهنجي پيشِ نظر رکن، سُنّتن جي خدمت جي سلسلي کي جاري رکن ۽ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان مضبوطي سان جُڙيل رهن ڇوتہ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ رهڻ بہ ايمان تي استقامت جو بهترين ذريعو آهي- الله ڪريم اسان کي ايمان تي استقامت، دعوتِ اسلامي ۽ امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ العَالِيَه جي سچي پڪي غلامي نصيب فرمائي-

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم-

اچو! بارگاهہ الٰهي ۾ سلامتي ايمان جي دعا ڪيون ٿا:

اِیماں پہ ربِّ رحمت دیدے تُو استقامت    دیتا ہوں واسطہ میں تجھ کو تِرے نبی کا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اميرُالمؤمنين حضرت سيدُنا عثمانِ غني رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْه جي پاڪيزه سيرت جو هڪ روشن پهلو هي بہ آهي تہ پاڻ سڄي سڄي رات ربّ ڪائنات جي بارگاه ۾ سجدي ۽ قيام جي حالت ۾ گذاريندا هئا، آخرت کان ڊڄندا هئا ۽ پنهنجي رب ڪريم جي رحمت جي آس ۾ هوندا هئا- ڏينهن جو وقت سخاوت ۽ روزي جي حالت ۾ گذريندا هئا تہ راتيون بارگاه خدا وندي ۾ سجدي ۽ قيام ۾ ڪٽجي وينديون هيون- اچو! سندن شوق عبادت ۽ ذوقِ تلاوت تي مشتمل4 واقعا ٻڌو ۽ نصيحت جا مدني گل چونڊيو، جيئن

## عثمانِ غني جو عبادت ۽ تلاوت جو شوق

(1)حضرت سيدُنا زبيربن عبدُالله رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه کان روايت آهي تہ امير المؤمنين حضرت سيدُنا عثمان رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْه هميشہ روزو رکندا هئا ۽ ابتدائي رات ۾ ڪجھ آرام ڪري پوءِ سڄي رات عبادت ۾ گذاريندا هئا- (مصنف ابن ابي شيبة، كتاب صلاة التطوع۔۔۔الخ،باب من كان يامر...الخ،ج٢،ص١٤٣، حديث:٦) (2) حضرت سيدُنا مسروق رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْه اَشتَر(يعني حضرت سيدنا عثمانِ غني رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْه کي شهيد ڪرڻ واري سان مليا) تہ پڇيائون: ”ڇا تو اميرالمؤ منين حضرت سيدُنا عثمان رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْه کي شهيد ڪيو آهي؟“ ان چيائين: ”ها-“ تہ پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْه فرمايائون: الله پاڪ جو قسم! تو روزيدار ۽ عبادت گذار شخص کي شهيد ڪيو آهي- (معجم كبير،٨١/١، حديث:١١٤) (3) جڏهن امير المؤمنين حضرت سيدُنا عثمان غني رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْه کي شهيد ڪيو ويو تہ پاڻرَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْه جي گهرواريءَ قاتلن کي فرمايو: ”توهان ان شخص کي شهيد ڪيو جيڪو سڄي رات عبادت ڪندو ۽ هڪ رڪعت ۾ قرآنِ ڪريم ختم ڪندو آهي- (الزهد للامام احمد،زهد عثمان بن عفان ،ص ١٥٣،حديث: ٦٧٣) (4) حضرت سيدُنا عبدالرحمن تيمي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: ”مون کي هڪ پيري مقامِ ابراهيم تي رات ٿي- مون عشاء جي نماز ادا ڪري مقام ابراهيم تي پهتس ايستائين جو مان ان ۾ بيٺس تہ اُتي ۾ هڪ شخص منهنجي ڪلهن (Shoulders) جي وچ ۾ هٿ رکيو- مون ڏٺو تہ اهي امير المؤمنين حضرت سيدُنا عثمان بن عفان رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْه هئا- ڪجھ دير بعد پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْه سوره فاتحه کان قرآنِ ڪريم جي تلاوت شروع ڪئي ايستائين جو سڄو

قرآن ڪريم ختم ڪيائون-“ (الزهد لابن المبارک،باب فضل ذکرالله،ص۴۵۲،حديث:۱۲۷۶ ملخصاً)

نبی نے تیرے بدلے ”بیعتِ رضواں“ میں کی بیعت کہا قرآن نے دستِ نبی کو دستِ یزدانی

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ٿورو سوچيو تہ سهي! اهي صحابي رسول جن کي رسولِ پاڪ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي ٻن شهزادين جو هڪ کان بعد ٻي جو مڙس ٿيڻ جي سعادت ملي، جن کي نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ پنهنجي زبانِ حقّ ترجمان سان جنت جي خوشخبري ٻڌائي، سندن عبادت ۽ رياضت سان محبت ۽ تلاوتِ قرآن سان عشق جو اهو عالم آهي جو ڏينهن رات عبادت، رياضت ۽ تلاوتِ قرآن ڪندي گذرندا هئا- ٻي پاسي اسان جهڙن جو حال آهي جن جو اڪثر وقت فضوليات ۾ برباد ٿي ويندو آهي، اسان جا ڏينهن رات غفلتن جي نذر ٿي رهيا آهن، اسان وٽ نہ تہ عبادت جي لاءِ وقت آهي ۽ نہ ئي تلاوتِ قرآن جي لاءِ، ها! دنياوي معاملات جي لاءِ اسان وٽ وقت ئي وقت آهي، اسان جا ڪلاڪن جا ڪلاڪ اخبارات جو مطالعو ڪرڻ ۽ خبرون (News) ڏسڻ، ٻڌڻ ۾ گذري ويندا آهن، رات دير تائين هوٽلن ۽ چوڪن تي ويهڻ نہ جاڻ ڪيترن جو معمول بڻجي چڪو آهي، الله پاڪ جي پناهہ هاڻي تہ جڳهہ جڳهہ تي اهڙيون ڪوڙ”چائي ڪيفي“ ملنديون جو جتي خاص ڪري نوجوان رات جو دير تائين ويهي ڳالهيون ڪندا آهن، تاس، لُڊو ۽ ويڊيو گيم کيڏي ڪري پنهنجو قيمتي وقت برباد ڪندا آهن بلڪ معاذالله عَزَّوَجَلَّ بلڪل نمازِفجر جي وقت غفلت جي ننڊ سمهي پوندا آهن- اچو! پنهنجي اندر عبادت ۽ تلاوت جو ذوق و شوق بيدار ڪرڻ جي لاءِ بہ فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ ٻڌو ۽ عبادات ۽ تلاوت ڪرڻ جي عادت بڻايو،

(1) ارشاد فرمايائون: الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو: اي انسان! تون منهنجي عبادت جي لاءِ فارغ ٿي وڃ مان تنهنجو سينو غنا کان ڀري ڇڏيندس ۽ تنهنجي محتاجي جو دروازو بند ڪندس ۽ جيڪڏهن تون ائين نہ ڪندين تہ مان تنهنجا ٻئي هٿ مصروفيات سان ڀري ڇڏيندس ۽ تنهنجي محتاجي جو دروازو بند نہ ڪندس- (ترمذي، ڪتاب صفة القيامة والرقائق والورع، ۳۰-باب، ۲۱۱/۴،حديث: ۲۴۷۴)

(2) ارشاد فرمايائون: ”بيشڪ ماڻهن مان ڪجھ الله وارا آهن-“صحابَہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان عرض ڪيو، يارسولَ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! اهي ڪير آهن؟ فرمايائون: قرآن پڙهڻ وارا جو اهي ئي الله وارا ۽ خواص (خاص ماڻهن) ۾ شامل آهن- (ابنِ ماجه،ڪتاب السنة،باب في فضل من تعلم القرآن وعلمه،١ /١٤٠،رقم: ٢١٥)

دے شوقِ تلاوت دے ذوقِ عبادت رہوں باوُضو میں سدا یاالٰہی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## سيدنا عثمانِ غني رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہ جو عشقِ رسول

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! عشقِ رسول هڪ اهڙو خزانو آهي جو جنهن کي اهو خزانو عطا ٿي ويندو آهي ان جا ڀاڳ کلي پوندا آهن، جيڪڏهن اسان حضرت سَيدُنا عثمانِ غني رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہ جي سيرتِ پاڪ جو مطالعو ڪريون ته اسان تي اها حقيقت واضح ٿي ويندي ته رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جا جان نثار صحابي اميرُالمُؤمِنِين حضرت سيدُنا عثمانِ غني رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہ کي به اهو خزانو عطا ٿيو هو، پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہ هڪ سچا عاشقِ رسول بلڪ عشقِ مصطفٰي جي اعلٰي درجي تي پهچي چڪا هئا- جڻ عشقِ رسول ۾ جيئڻ ۽ مرڻ ئي سندن مقصدِ حيات بڻجي ويو هو. عشقِ رسول جي چاشني سندن رَڳ رڳ ۾ ايتري قدر سرايت ڪري چڪي هئي جو مَحبُوب آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کان وڌيڪ سندن کي ڪجھ به عزيز نه هو، مطلب سندن سڄي زندگي عشقِ رسول جي مشڪبار گُلن سان سجيل آهي، ته اچو! اميرُالمؤمنين حضرت سَيدنا عثمانِ غني رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہ جي عشقِ رسول تي مشتمل هڪ ايمان افروز واقعو ٻڌو ۽ جهومو،

## پنهنجي آقا جي بغير طواف ڪيئن ڪيان؟

جڏهن نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ حضرت سيدنا فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہ جي مشوري تي حضرت سَيدُنا عثمان غني رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہ کي صلح حديبيه جو پيغام (Message) ڏئي مڪ مڪرمه ۾ قريش ڏانهن روانو ڪيائون ته ڪيئي صحابه ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان هن ڳالھ تي رشڪ ڪري رهيا هئا ته حضرتِ عثمانِ غني رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہ کي مڪ مڪرمه وڃڻ جو شرف حَاصِل ٿيو آهي هاڻي هو بيتُ الله شريف

جي زيارت ۽ ڪعبي جو طواف ڪندا، جڏهن صحابہ ڪرامعَلَيهِمُ الرِّضْوَان پنهنجي هن رشڪ ڀري جذبات جو اظهار بارگاهہ رسالت ۾ ڪيو تہ نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: مون کي يقين آهي جيستائين اسان مَحصُور آهيون، عثمان ڪعبي جو طواف نہ ڪندا، صحابہ ڪرام عرض ڪيو: يارسولَ الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ انهن کي هن حوالي سان ڪو رڪاوٽ نہ آهي تہ پوءِ عثمانِ غني کي طوافِ ڪعبہ کان ڪهڙي شيءِ روڪيندي؟ نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان جي هن الجهن کي پري ڪرڻ جي لاءِ ارشاد فرمايائون مون کي يقين آهي تہ هو اسان جي بغير خانہ ڪعبہ جو طواف نہ ڪندا،

جڏهن حضرتِ سيدنا عثمانِ غني رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہ واپس موٽيا، صحابہ ڪرامعَلَيهِمُ الرِّضْوَان سندن کان پڇيائون: اي اَبو عَبدُالله طوافِ ڪعبہ ڪرڻ کان پوءِ اوهان اطمينان محسوس ڪري رهيا هوندؤ؟ حضرتِ سَيدُنا عثمانِ غَنيرَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہ ارشاد فرمايائون اوهان منهنجي باري ۾ غلط اندازو لڳايو، پوءِ پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہ جيڪي جملا ارشاد فرمايا اهي اسان جهڙن محبتِ رسول جي دعوي ڪرڻ وارن جي لاءِ ڪيئي مدني گل پنهنجي دامن ۾ رکي ٿو، پاڻ ارشاد فرمايائون: ان ذات جو قسم جنهن جي قبضہ قُدرت ۾ منهنجي جان آهي جيڪڏهن مڪہ مڪرمہ ۾ منهنجو قيام سجو سال بہ رهي ها تہ مان سرڪارِ دو عالم، نورِ مجسم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي بغيرطواف نہ ڪيان ها، جڏهن تہ قريش منهنجي لاءِ طوافِ ڪعبہ ۾ ڪنهن بہ قسم جي ڪا رُڪاوٽ بہ نہ ڪئي هئي-

(دلائل ا لنبوة للبيهقي،باب ارسا ل ا لنبي ،ج۴، ص ۱۳۳ملتقطا)

ڪنهن شاعر چا تہ بهتر چيو آهي تہ

مرے تو آپ ہی سب کچھ ہیں رحمتِ عالم    میں جی رہا ہوں زمانے میں آپ ہی کے لئے

تمہاری یاد کو کیسے نہ زندگی سمجھوں    یہی تو ایک سہارا ہے زندگی کے لئے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!    صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان! اميرُالمؤمنين حضرت سَيدُنا عثمان غني نبي پاڪ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جا ڪيترا سچا عاشق هئا- جن جي هر هر ادا مان عشقِ رسول ظاهر ٿئي ٿو- پر هاءِ! اڄ جو مسلمان بہ عشقِ رسول جي دعويٰ تہ ڪري

ٿو، پر رسولِ پاڪ صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ کي خُوش ڪرڻ وارا ڪم ڪندي شرم محسوس ڪري ٿو، نبي اڪرم صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ ارشاد فرمائن ٿا: **جُعِلَتْ قُرَّةُ عَيْنِي فِي الصَّلٰوة** يعني منهنجي اکين جي ٺڌاڻ نماز ۾ آهي. (المعجم الکبير، زياده بن علاقة عن المغيرة، الحديث:۱۰۱۲، ج۲۰، ص۴۲۰) ٿورو سوچيو اهي ڪهڙا عاشق رسول آهن جيڪي نماز کان پري ڀڄندا آهن، جاڻي واڻي نماز قضا ڪري سرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي دل مبارڪ جي لاءِ آزار جو سبب بڻجندا آهن، اها ڪهڙي محبت آهي ۽ ڪهڙو عشق آهي جو رسولِ پاڪ صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم رمضان جي روزن جي تاڪيد فرمائن پر پاڻ کي عاشقان رسول سڏائڻ وارا انهي حڪم کان منهن ڦيري، مصطفٰي ڪريم صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ناراضگي جو سبب بڻجن، پيارا مصطفٰي صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: "مُڇون خوب پَست (يعني ننڍيون) ڪريو ۽ ڏاڙهي کي وڌايو. (شرح معاني الآثار للطحاوي،کتاب الکراهة، باب حلق الشارب، الحديث: ۶۴۲۲، ج۴، ص۲۸) پر عشق رسول جا دعويدار ۽ فيشن جا پرستار، سرڪار جي دشمن جهڙو چهرو ناهن، ڇا اهو عشق رسول آهي، يقيناً نہ ۽ هرگز نہ!

بے نمازی رہیں کچھ نہ روزے رکھیں اُن کو کس نے کہا؟ عاشقانِ رسول
عالموں پر ہنسیں، پھبتیاں بھی کسیں اُن کو کس نے کہا؟ عاشقانِ رسول
جو کہ گانے سُنیں، فلم بینی کریں اُن کو کس نے کہا؟ عاشقانِ رسول
کھائیں رزق حرام ، ایسے ہیں بد لگام اُن کو کس نے کہا؟ عاشقانِ رسول
داڑھیاں جو منڈائیں کریں غیبتیں اُن کو کس نے کہا؟ عاشقانِ رسول

اي عاشقانِ رسول!نبي پاڪ صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي قدمن تي فدا ٿي وڃو، سنتن سان محبت ڪريو، فيشن کان پري ڀڄو، مَدَني قافلن جا مسافرِ مدني انعامات جا عامل بڻجي وڃو، پنهنجو چهرو نبي رحمت صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي عاشقن جهڙو بڻايو يعني پنهنجي چهري تي هڪ مٺ ڏاڙهي سجايو، فيشني وارن جي بدران سنت جي مطابق زُلف رکو ۽ مٿي اگهاڙي گهمڻ بدران عمامي شريف ذريعي سجايو، بس پنهنجي ظاهر ۽ باطن تي مدني رنگ چڙهائي ڇڏيو. اي ڪاش اسان بہ پڪا ۽ سچا عاشق رسول بڻجي وڃون،

ڪاش! اسان جو اٿڻ ويهڻ، هلڻ ڦرڻ، کائڻ پيئڻ، سُمهڻ جاڳڻ، ڏيڻ وٺڻ، جيئڻ مرڻ، مني مني آقا مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سنتن جي مطابق ٿي وڃي.

فنا اتنا تو ہو جاؤں میں تیری ذاتِ عالی میں

جو مجھ کو دیکھ لے اُس کو ترا دیدار ہو جائے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم "مسجد درس"

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! فيشن کان پاسو ڪرڻ، عشقِ رسول جو جام پيئڻ ۽ سنتن سان محبت جو جذبو وڌائڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوتِ اِسلامي جي مَدَني ماحول سان وابسته رهنديءَ ڪجهه نه ڪجهه وقت ذيلي حلقي جي 12 مدني ڪمن ۾ ڏيڻ جي ڪوشش ڪريو- ياد رهي! ذيلي حلقي جي 12 مَدَني ڪمن مان هڪ مَدَني ڪم "مسجد درس" به آهي- ★ "مسجد درس" سان مسجدون آباد ٿين ٿيون- ★ "مسجد درس" سان انفرادي ڪوشش ڪرڻ جو موقعو ملي ٿو-★ "مسجددرس" سان نمازين جي تعداد ۾ اضافو ٿيندو آهي-★"مسجد درس" جي برڪت سان ڀلائي جون ڳالهيون سکڻ سيکارڻ جو موقعو ملندو آهي- ڀلائي جون ڳالهيون سکڻ سيکارڻ جي ته ڇا ڳالهه ڪجي!!

منقول آهي ته الله عَزَّوَجَلَّ حضرت سيدُنا مُوسيٰ ڪلِيمُ الله عَلٰى نَبِيِّنَاوَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ڏانهن وَحي فرمائي: اي مُوسيٰ! ڀلائي جون ڳالهيون پاڻ به سکو ۽ ماڻهن کي سيکاريو ڇوته مان ڀلائي سکڻ سيکارڻ وارن جون قبرون روشن ڪندس ته جيئن انهن کي ڪنهن قسم جي وَحشت نه ٿئي- (حلية الاولياء،كعب الاحبار، ٥/٦ ،رقم:٦٦٢٢) بيان ڪيل روايت مان معلوم ٿيو ته سنين سنين نيتن سان سُنّتن ڀريو بيان ڪرڻ يا درس ڏيڻ ۽ ٻڌڻ وارن جا وڏا ڀاڳ آهن، اِنْ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ انهن جون قبرون اَندران جڳمڳ جڳمڳ ڪري رهيون هونديون ۽ انهن کي ڪنهن قسم جو خوف محسوس ناهي ٿيندو- اچو! ترغيب لاءِ "مسجد درس" جي هڪ

مدني بهار ٻڌون ٿا، جيئن

## بغض ۽ ڪينو نڪري ويو

تعلقي ڀلوال (پنجاب، پاڪستان) جي رهائشي هڪ اسلامي ڀاءُ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته ٿيڻ کان پهريان بدمذهبيت جي تاريڪ وادين ۾ ڀٽڪي رهيو هو، بدمذهبن جي صحبت جي نحوست جو رنگ ايترو قدرغالب هو جو دعوتِ اسلامي جي نالي کان به چڙندو هو، ان جي زندگي جا ڏينهڙا انهيء بغض ۽ ڪيني ۾ گذري رهيا هئا- هڪ ڏينهن هو پنهنجي پاڙي جي مسجد ۾ نمازِ مغرب جي ادائيگي جي لاءِ ويو، نماز کان بعد مسجد ۾ ”مدني درسِ“ (درسِ فيضانِ سُنّت) ٿي رهيو هو، ان جي خوش قسمتي جو هو مدني درس ۾ شريڪ ٿيو-”درسِ فيضانِ سُنّت“ کان پوءِ ان اسلامي ڀاءُ سان جارِحانه (لڙائي جهيڙي واري) انداز ۾ بحث مباحثو شروع ڪيو پر اهو اسلامي ڀاءُ وڏي پياري انداز ۾ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول جون برڪتون ٻڌائڻ سان گڏوگڏ سُنّتن ڀري اجتماع ۾ شرڪت جو ذهن به ڏيندا رهيا، الله ڪريم جي فضل و ڪرم سان هو هفتيوار سُنتن ڀري اجتماع ۾ شريڪ ٿي ويو، سُنتن ڀري اجتماع ۾ مبلغِ دعوتِ اسلامي جو بيان پوءِ ذِڪرُ الله ۽ آخر ۾ رقت انگيز دعا ان جي دل جي دنيا ئي بدلي ڇڏي- اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! ان سچي دل سان توبه ڪئي ۽ سُنّتن ڀري زندگي گذارڻ جي لاءِ مدني ماحول سان وابسته ٿي ويو-

ہے تجھ سے دعا ربِّ اکبر! مقبول ہو ”فیضانِ سُنّت“ مسجد مسجد گھر گھر پڑھ کر، اسلامی بھائی سناتا رہے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اميرُالمؤمنين حضرت سَيدُنا عثمانِ غني** رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه جي پاڪيزه سيرت جو ساراهه جوڳو پهلو هي به آهي ته پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه مسلمانن کي قرآنِ ڪريم جي هڪ نسخي تي گڏ ڪري اُمّتِ محبوب تي تمام وڏو احسان ڪيو، تنهنڪري انهيء سبب پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه کي ”جامعُ القرآن“ جو عظيمُ الشّان لقب عطا ڪيو ويو- اچو! قرآن جمع ڪرڻ جي حوالي سندن هن مشهور ڪارنامي جو مختصر ذڪرِ خير ٻڌو، جيئن

## جمع قرآن ۾ عثمانِ غني رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہ جو ڪردار

زمانۂ نبوت کان بعد ڪجھ مختلف قومن جي بعض افراد جي ذهنن ۾ اِها ڳالھ ويهي رهي تہ جنهن لهجي ۽ لغت ۾ اسان پڙهون ٿا انهيءَ ۾ قرآنِ ڪريم نازل ٿيو آهي، اهڙي طرح ڪو چوڻ لڳو تہ قرآن هن لهجي ۾ آهي ۽ ڪو چوڻ لڳو تہ نہ بلڪ ٻئي لهجي ۾ آهي ايستائين جو حضرت (سيدنا) عثمانِ غني رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ جي زماني ۾ اها نوبت آئي جو ماڻهو هن معاملي ۾ هڪ ٻئي سان وڙهڻ جي لاءِ تيار ٿي ويا- جڏهن حضرت سيدنا عثمانِ غني رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ کي هن ڳالھ جي خبر پهتي تہ پاڻ رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ فرمايائون اُمّ المؤمنين حضرت (سيدتنا) حفصہ رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْها کان صحائف گهرائي انهن جي نقل ورتي وڃي ۽ تمام سُورتون هڪ مصحف ۾ گڏ ڪيون وڃن، پوءِ اهي مَصاحف اسلامي شهرن ۾ موڪليا وڃن ۽ سيني کي حڪم ڏنو وڃي تہ اهي انهيءَ لهجي جي پيروي ڪن. انهيءَ عظيم ڪم جي ڪري حضرت (سيدنا) عثمانِ غني کي "جامعُ القرآن" چيو ويندو آهي- (تفسير صراط الجنان،۲۴/۱-۲۵ملخصاً)

تمھیں کو جامعِ قرآن کا حق نے دیا مَنصَب عطا قرآں کو کرکے جَمع کی اُمّت کو آسانی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيبِ! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مجلس "المدينہ لائبريري"

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! قرآن جي مَحَبَّت کي دل ۾ رکڻ، تلاوت جو ذوق و شوق وڌائڻ ۽ فيضانِ عثمان غني سان فيضياب ٿيڻ جي لاءِ عاشقان رسول جي مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچايو- اَلْحَمْدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي سڄي دُنيا ۾ ڪم وپيش104 شُعبن ۾ دِينِ اسلام جو پيغام عام ڪري رهي آهي، انهن مان هڪ شُعبو بنام "مجلس المدينه لائبريري" بہ آهي- هن مجلس تحت مدني مراڪز فيضانِ مدينہ(عينِ مسجد جي علاوه ڪنهن ٻي مقام) ۾ "المدينه لائبريري" جي نالي سان هڪ اسلامي ڪتب خانو قائم ڪيو ويندو آهي جنهن ۾ مخصوص وقت ۾ مُطالعي جي لاءِ خُوشگوار ماحول، آڊيو، ويڊيو بيان ۽ مدني مذاڪرا ٻڌڻ ۽ مدني چينل ڏسڻ جي لاءِ ڪمپيوٽرز(Computers) وغيره جي ترڪيب

ٻڌائي ويندي آهي، ”المدينه لائبريري“ ۾ شيخ طريقت،امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه ۽ اَلمدِينَة العِلمِيہ جا تحرير ڪيل مختلف مَوضُوعن تي مُشتمِل ڪتاب ۽ رسالا رکيا ويندا آهن. الله ڪريم”مجلس المدينه لائبريري“ کي وڌيڪ ترقيون عطا فرمائي-

اٰمِين بِجَاه النَّبِي الْاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

الله کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں اے دعوتِ اسلامی تری دھوم مچی ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

منا منا اسلامي ڀائرو! ذُوالحِجَّةالحَرام جو برڪتن ڀريو مهينو اسان جي وچ ۾ درميان جلوه گر آهي، هن مهيني جي 19 تاريخ تي صدرالافاضِل حضرت علامہ مولاناسَيد مفتي محمد نعيم الدين مُراد آبادي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جو عرس ملهايو ويندو آهي، اچو! انهيءَ مناسبت سان سندن سيرتِ مُبارڪ جون ڪجھ جهلڪيون ملاحظ ڪريو.

## سِيرتِ صدرالافاضِل“جون ڪجھ جهلڪيون

صدرالافاضِل حضرتِ علامہ مولانا سيد محمد نعيم الدين مرادآبادي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي وِلادت 21 صَفرالمُظَفَّر ١٣٠٠بمطابق ڀهرين جنوري 1883 بروز سومر شريف ”هند“ جي شهر”مرادآباد“ ۾ ٿي، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جو نالو ”محمدنعيم الدين“ رکيو ويو، سندن والدِ ماجد حضرت مولانا سيد محمد معين الدين نُزهت ۽ جدّ امجد (يعني ڏاڏا محترم) حضرت مولانا سيد امينُ الدين راسخ پنهنجي پنهنجي دور ۾ اردو ۽ فارسي جا استاد مڃايا ويا- (تذکره صدر الافاضل،ص۲-۳ ملخصاً) ١٣٢٠ھ بمطابق 1902 عيسوي ۾ 20 سال(Twenty years) جي عمر ۾ سندن دستار بندي ٿي- آخرڪار 19ذُوالحِجَّةالْحَرام ١٣٦٧ ھ تي هن دُنيا مان لاڏاڻو ڪيو، جامعہ نعيميہ (مرادآباد هند) جي مسجد جي ڪاٻي پاسي ۾ سندن آخري آرام گاھ آهي- (تذکره صدر الافاضل،ص۲۲تا۲۴ ملخصاً)

## وقتِ رُخصت جا حالات

خليفہ صدرالافاضِل حضرتِ علامہ مولانا سيد غلام معين الدين نعيمي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جو بيان آهي: يارهين وڳي جو ٽائم هو. صدرالافاضِل رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه پنهنجي

ڪمري جا ٽئي دروازه بند ڪري ڇڏيا. ڪمري ۾ منهنجي ۽ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه کان سواءِ ڪو بہ نہ هو. ڪجهہ دير مون سان گفتگو فرمايائون، ان کان پوءِ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه خاموش ٿي ويا. تقريبن ساڍي يارهين وڳي فرمايائون، پکو کولي ڇڏ، مون کولي ڇڏيو، پوءِ فرمايائون: گهٽ ڪيو، مون ان جي رفتار نمبر 2 تي ڪئي، پوءِ فرمايائون اجان گهٽ ڪيو، مون نمبر 3 تي رفتار ڪئي، ڪجهہ وقفي کان پوءِ فرمايائون اجان بہ گهٽ ڪيو، سو مون پکي جو رخ ديوار ڏانهن ڪري ڇڏيو، تہ جيئن ديوار سان هوا ٽڪرائجي لڳي ڪجهہ دير کان پوءِ فرمايائون: بند ڪري ڇڏ، ان کان پوءِ فرمائڻ لڳا: منهنجي پاسن کي زور ڏي. تہ پوءِ مون کٽ جي ساڄي پاسي ويهي پاسن ۽ چيلهہ کي زورَ ڏيڻ شروع ڪيا، ڏٺم تہ زبانِ اقدس مان ڪجهہ فرمائي رهيا آهن ۽ مبارڪ چهري تي بيحد پسينو آهي. مون رومال سان چهري جو پسينو خشڪ ڪيو. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه نظر کڻي مون ڏانهن ڏٺو، پوءِ آواز سان ڪلمو پاڪ لَآ اِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ الله پڙهڻ شروع ڪيو. آواز هلڪو ٿيندو ويو، نيڪ پارنهن لڳي 25 منٽن تي مون کي ڦڦڙن جي حرڪت بند ٿيندي معلوم ٿي خود ئي پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه قبلي جي طرف ٿي ڪري پنهنجا هٿ پير سڌا ڪري ورتا هئا. ائين 19 ذوالحجة الحرام 1367 هجري ۾ ڪلمو شريف پڙهندي سندن وفات ٿي.(تذڪره صدرالافاضل، ص 23)

اچو! مڪتبة المدينہ جي رسالي ”تذڪرۂ صدرُالافاضل“ جي روشني ۾ سندن ديني خدمتن جي باري ۾ ڪجهہ مدني گل ٻڌون ٿا، جيئن

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## صَدرُالاَفاضِل رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جون ديني خدمتون

❖ صدرالافاضِل حضرت علامہ مولاناسَيد مفتي محمدنعيم الدين مراد آبادي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه درسِ نظامي مڪمل ڪرڻ کان پوءِ پڙهائڻ شروع ڪيو ۽ ڪيئي مشهور عالمن ۽ مفتي سڳورن کي ديني خدمت جي لاءِ تيار ڪيو- ❖ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فنِ طِب ۽ تصنيف وتاليف جي شعبي سان بہ وابستہ رهيا- ❖ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه 20 سال جي عمر ۾ پنهنجي دورِ طالبِ علمي ۾ حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ

وَسَلَّمَ جي علمِ غيب جي ثبوت تي دليلن سان مزين هڪ ڪتاب لکيو- ❖ پاڻ رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ دارُالاِفتا سان بہ وابستہ رهيا ۽ ڪيئي استفتا (اِس-تِفَ-تَا يعني سوالن) جا جواب تحرير ڪيائون- ❖ پاڻ رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ کي فنِ اِفتا ۾ ايتري قدر ڪمال هو جو بنا ڪتاب ڏٺي سوالن جا جواب لکندا هئا- ❖ پاڻ رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جو سڀ کان عظيم ڪارنامو "تفسيرخزائنُ العرفان" آهي- ( تذڪره صدر الافاضل،ص۸تا۱۳ ملخصاً و ملتقطاً)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## بَيان جو خلاصو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄ جي بَيان ۾ اسان ٻڌو تہ

❖ سَيدُنَا عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہ سچي زندگي سخاوت جا درياءُ وهايا- ❖ سيدنا عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہ اسلام قبول ڪرڻ وارا چوٿان خوش نصيب شخص آهن- ❖ سيدنا عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہ ڪيئي ڀيرا پنهنجو ڪوڙ مال ۽ دولت راهِ خدا ۾ قربان ڪيائون- ❖ سيدنا عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہ کي رسول پاڪ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي ٻن شهزادين سان هڪ کان پوءِ ٻي سان نڪاح ڪرڻ جي برڪت سبب ذو النورين لقب عطا ٿيو- ❖ سيدنا عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہ عبادت و رياضت ۽ تلاوتِ قرآن جا گهڻا شيدائي هئا- ❖ سيدنا عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہ عشقِ رسول ۾ فنا ٿي چڪا هئا- ❖ سيدنا عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہ مسلمانن کي هڪ قرآني نسخي تي گڏ ڪيو، تنهنڪري پاڻ کي جامع القرآن جو لقب عطا ٿيو- اللّٰه پاڪ اسان کي اميرُالمؤمنين حضرت سَيدُنا عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہ جي پاڪيزه سيرت کي اپنائڻ جي توفيق عطا فرمائي-

اٰمِیْن بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِیْن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺامٺا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجهہ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدارِ رسالت،

شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (1)

ان کی سُنَّت کا جو آئنہ دار ہے     بس وُہی تو جہاں میں سمجھدار ہے

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب!     صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## مسواڪ جون سنتون ۽ آداب

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اچو ! شيخِ طريقت، اميرِ اهلسُنَّت دَامَتۡ بَرَکَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جي رِسالي "163 مَدَني گل" مان مِسواڪ بابت مدني گل ٻڌون ٿا- پهرين ٻه فرمان مصطفيٰ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ملاحظ فرمايو: ❖ ٻه رڪعتون مسواڪ (يعني ڏندڻ) ڪري پڙهڻ بغير مِسواڪ جي 70 رڪعتن کان افضل آهن. (الترغيب والترهيب ج 1 ص 102 حديث 18) ❖ مِسواڪ جو استعمال پاڻ تي لازم ڪري ڇڏيو ڇو ته هي وات جي صفائي ۽ ربّ تعاليٰ جي رضا جو سبب آهي. (مسند امام احمد بن حنبل ج 2 ص 438 حديث 5869) ❖ حضرت سيدنا ابن عباس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ کان روايت آهي ته مسواڪ ۾ ڏهه خوبيون آهن: وات کي صاف ڪري ٿو، مسوڙن کي مضبوط ڪري ٿو، نظر تيز ڪري ٿو، بلغم ختم ڪري ٿو، وات جي ڌپ ختم ڪري ٿو، سنت جي موافق آهي، فرشتا خوش ٿين ٿا، ربّ عَزَّوَجَلَّ راضي ٿئي ٿو، نيڪي وڌائيندو ۽ معدي کي درست ڪندو آهي. (جمع الجوامع للسيوطي ج 5 ص 249 حديث 14867) ❖ مسواڪ جي ٿولهه چيچ جي برابر هجي ❖ ڏندڻ هڪ گرانٺ کان ڊگهو نه هجي نه ته ان تي شيطان ويهندو آهي ❖ ان جا تاندورا نرم هجن جو سخت تاندورا ڏندن ۽ مهارن جي وچ ۾ وٿي (Gap) جو سبب بڻجندا آهن ❖ مسواڪ تازو هجي ته سٺو نه ته ڪجهه دير پاڻي جي گلاس ۾ پسائي نرم ڪري ڇڏيو ❖ ان جا تاندورا روزانو ڪٽيندا رهو جو تاندورا ان وقت تائين ڪم جا آهن جيستائين انهن ۾ ڪؤڙاڻ باقي آهي ❖ ڏندن جي ويڪر ۾ ڏندڻ ڪريو ❖ جڏهن به ڏندڻ ڪرڻو

[1] ...مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،١/٩٧،حديث:١٧٥

هجي تہ گهٽ ۾ گهٽ ٽي ڀيرا ڪريو ❖ هر ڀيري ڌوئي ڇڏيو ❖ ڏندڻ ساڄي هٿ ۾ اهڙي طرح ڪٺو جو چيچ ان جي هيٺان ۽ وچ واريون ٽي آڱريون مٿان ۽ آڱوٺو چيڙي تي هجي ❖ پهريان ساڄي طرف ڪان مٿين ڏندن تي ۽ پوءِ کاٻي طرف ڪان هيٺين ڏندن تي ڏندڻ ڪيو ❖ مسواڪ مٺ ۾ بند ڪري ڪرڻ سان بواسير ٿيڻ جو انديشو آهي مسواڪ جي فضيلتن ۽ فائدن جي حوالي سان وڌيڪ معلومات حاصل ڪرڻ جي لاءِ شيخِ طريقت،اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَکَاتُہُمُ الْعَالِیَہ جي رسالي ”مسواک شريف کے فضائل“ جو مطالعو ڪريو-

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ مکتبۃ المدينہ جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”بهار شريعت“ حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب ”سنتيں اور آداب“ هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڑهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰھُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڑهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرت سَيِّدُنا انس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڑهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناه معاف ڪيا ويندا.[2]

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڑهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا

---

[1]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

[2]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

ويندا آهن.[1]

### (4) ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِیْ عِلْمِ اللّٰہِ صَلَاۃً دَآئِمَۃً بِدَوَامِ مُلْکِ اللّٰہِ

حضرت اَحمد صاوي عَلَيهِ رَحمَۃُ اللهِ الهَادِی ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

### (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ کَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰی لَہٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنہُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[3]

### (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْہُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَکَ یَوْمَ الْقِیَامَۃِ

شافع امم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[4]

### (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

---

[1]...القول البديع، الباب الثانی، ص277،

[2]...افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاۃ الثانیۃ والخمسون، ص149

[3]...القول البدیع، الباب الاول، ص125

[4]... الترغيب والترهيب، ج ۲، ص ۳۲۹، حديث ۳۱

جَزَی اللّٰہُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا ھُوَ اَھْلُہٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہما کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[1]

## (2) ڄڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

1 ... مجمع الزوائد،کتاب الادعية،باب فی کيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305